1. مشتاق احمد گبول
2. مفتي محمد صاحبداد

# ترجمو ۽ ان جون فني گھرجون: تحقيقي اڀياس

# A Research Study of Translation and its Technical Requirements

***Abstract:***

*Translation is an art whereby you create a literary masterpiece in its own language. If seen from this perspective, translation in itself is a creative process that is recreated by the translator in his own language. If the translation does not fall within the parameters of being creative or is not like a creative process, it will remain devoid of the beauty and excitement that a creative masterpiece is required to have.*

*Translation apparently seems to be an art of bringing a written script into its own language from another language, but in reality it is beyond or more than that. Its real object is to find new vistas of knowledge and act as a communication bridge between various nations and their languages. Moreover, translation also helps us study and understand different cultures and civilisations.*

ترجمو هڪ اهڙو فن آهي،جنهن ذريعي ڪنهن بہ ادبي شهپاري يا شاهڪار کي پنهنجي ٻوليءَ ۾ آندو ويندو آهي.ان لحاظ کان ڏسجي تہ ترجمو ڪرڻ بہ خود هڪ تخليقي عمل آهي.جنهن کي ترجمي نگار پنهنجي ٻوليءَ ۾ ٻيهر تخليق ڪري ٿو.جيڪڏهن ترجمو تخليقي عمل وانگر نہ هوندو تہ ان ۾ اهو رس چس نہ هوندو،جيڪو ڪنهن تخليقي شاهڪار ۾ هئڻ گهرجي. ان لاءِ ترجمي ڪرڻ جا هيٺيان اصول مقرر ڪيا ويا آهن:

1. ترجمو درست هئڻ گهرجي.
2. ترجمو عام فهم هئڻ گهرجي.
3. ترجمو خوبصورت ۽ تخليقي هئڻ گهرجي.

---

[1]. اسسٽنٽ پروفيسر، فيڊرل گورنمينٽ ڊگري ڪاليج، حيدرآباد..

[2]. محقق، ليکڪ.

باقي لغت ۾ ان جي معنيٰ ۽ مفهوم جي حوالي سان ڏسجي ته ترجمي جي لاءِ ڊاڪٽر بلوچ جو چوڻ آهي ته:

”جامع سنڌي لغات موجب: [ع. ترجمة = بيان، سوانح عمري] ڪنهن تحرير يا تقرير کي هڪ ٻوليءَ مان ٻي ٻوليءَ ۾ آڻڻ جو ڪم- ٿلار.“ (بلوچ، 1981: 600)

اها ته عالم آشڪار ڳالهه آهي ته ترجمو،ڪنهن به تحرير کي ٻي ٻوليءَ مان پنهنجي ٻوليءَ ۾ آڻڻ جو فن آهي،پر حقيقت ۾ ڏسجي ته ترجمي جو ڪم ان کان وڏيڪ آهي.ان جو اصل ڪم انساني علم تائين پهچ، ۽ مختلف ٻولين ۽ قومن جي وچ ۾ رابطي ۽ پُل جو ڪردار ادا ڪرڻ آهي.نه صرف ايترو پر مختلف ثقافتن بابت ڄاڻڻ ۽ انهن جو مطالعو ڪرڻ به ترجمي ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو آهي.

ان حوالي سان ترجمي نگار جي لاءِ ولي رام ولڀ جو چوڻ آهي ته:

”جهڙيءَ طرح ترجمو هڪ تخليقي ڪم آهي ۽ مترجم هڪ تخليقڪار آهي، اهڙيءَ طرح هو پنهنجي قومي ثقافت ۾ هڪ سرگرم عمل ڪارڪن جي حيثيت رکي ٿو. مترجم پنهنجي قوم جي ثقافت کي نئون موڙ ڏيڻ ۾هڪ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو.“ (ولڀ، 2009: 50- 55)

ٻولين،تهذيبن ۽ ملڪن سان ويجهڙائپ ،ترجمي نگار جي معرفت ٿئي ٿي. تنهنڪري مترجم کي ”تهذيبي ۽ ثقافتي سفير“ به سڏيو وڃي ٿو.

ترجمو بغير ڪنهن مقصد ۽ ڪارڻ جي نٿو ڪري سگهجي، ۽ نه ئي جهڙي تهڙي تحرير ترجمو ڪري سگهجي ٿي.سو ترجمي ڪرڻ پنيان اهم مقصد هوندو آهي، ترجمي ڪرڻ جا هيٺيان اهم مقصد آهن:

1. اهو اصل ٻوليءَ (جنهن ٻوليءَ تان ترجمو ڪيو وڃي) جو شاهڪار هجي.
2. ان لکڻيءَ ذريعي ڪنهن نئين روايت جي ابتدا ٿي هجي.
3. ان لکڻيءَ جي معرفت نئون اسلوب متعارف ٿيو هجي.
4. ڪنهن نئين ادبي تحريڪ کان ترجمي ذريعي پنهنجي ادب کي روشناس ڪرائڻ.
5. ترجمي ذريعي پنهنجي ادب کي ٻين ثقافتن جي اهم روايتن کان آگاهه ڪرڻ.
6. ڪنهن نئين ۽ اڇوتي خيال سان پنهنجي ادب کي مالا مال ڪرڻ.
7. ڪا نئين صنف ايجاد ٿي هجي، ان کي پنهنجي ادب ۾ متعارف ڪرائڻ.

8. ان لکڻيءَ ذريعي پنهنجي ادب ۾ فن ۽ فکر جي نين راهن جا امکان روشن ڪرڻ.
9. اها تحرير ،جنهن ذريعي دنيا ۾ انقلابي تبديليون رونما ٿيون هجن.
10. اهي ليک ۽ موضوع، جن جي پنهنجي ادب ۾ کوٽ هجي.
11. دنيا جي ادب جي نون لاڙن ۽ رجحانن کان پنهنجي ادب کي روشناس ڪرڻ.
12. مختلف ٻولين جي پهاڪن ،چوڻين، اصطلاحن، ۽ ترڪيبن سان پنهنجي ٻوليءَ جي جهول ڀرڻ.
13. پنهنجي ٻوليءَ ۾ لفظن جا متبادل نه هئڻ جي صورت ۾ نوان لفظ ۽ نوان اصطلاح گهڙڻ.

ترجمو هڪ فن آهي، هر فن جا ڪي اصول مقرر ڪيا ويندا آهن.ظاهر آهي ترجمي ڪرڻ جا به ڪي اصول مقرر ڪيا ويا آهن،اهي اصول سورهين صديءَ ۾ فرانس جي مشهور مترجم Etienne dolet مقرر ڪيا هئا. جيڪي هيٺ ڏجن ٿا:

1. ”مترجم يعني ترجمي نگار جي لاءِ پهرئين شرط اها آهي ته هو اصل ٻوليءَ (جنهن ٻوليءَ مان ترجمو ڪري ٿو) جي مواد کي مڪمل طور سمجهڻ جي قدرت رکندو هجي.۽ اصل ليک جي بحث ۽ دليلن کي ورتائڻ ۽ انهن کي اڳتي وڌائڻ جي ٽيڪنڪ تي دسترس رکندو هجي.
2. ٻي شرط اها آهي ته ترجمي نگار اصل ٻوليءَ کان مڪمل طور واقف هجي ۽ مواد جو تعلق جنهن مصنف سان هجي، ان مصنف بابت به مڪمل ڄاڻ رکندو هجي.
3. مترجم اصل مواد جو لفظي ترجمو نه ڪري،ڇاڪاڻ ته لفظن ۾ هر ٻوليءَ جون چوڻيون هونديون آهن،جيڪي ان مخصوص سماج جي طور طريقن مان جنم وٺنديون آهن.انهن محاورن ،پهاڪن ۽ چوڻين جو تهذيب ۽ ثقافت سان گهرو رشتو هوندو آهي.ان لاءِ لفظي ترجمو ناموزون ۽ سمجهه کان مٿاهون هوندو آهي.
4. اهڙن لفظن،ترڪيبن،محاورن،پهاڪن،چوڻين کي ڪتب آندو وڃي،جيڪي عام ماڻهن جي روزمره جي استعمال ۾ هجن ۽ ٻولي

عام ماڻهن جي ڳالهه ٻولهه واري استعمال ڪئي وڃي،ضرورت
ڪانسواءِ ڪنهن به نئين لفظ ڪي زوري ُشبيو نه وڃي.

ترجمي ڪرڻ کان اڳ ۾ بهترين مقررن ۽ خطيبن جو ڏيان سان مطالعو ڪيو وڃي. موزون ۽ سنن لفظن ۽ ترڪيبن جي چونڊ ڪئي وڃي ۽ انهن کي اهڙي نموني ڦهايو وڃي،جو پڙهڻ وقت پڙهندڙ بور نه ٿئي ۽ اصل مفهوم ان جي روح ۾ لهي وڃي.“ (EdmondCary،1955: 20-17-)

دنيا ۾ ترجمو نثر توڙي نظم ٻنهيءَ صورتن ۾ ٿئي ٿو. تنهنڪري هر ٻوليءَ ۾ ترجمي جا به بنيادي اصول آهن.

1. نثراڻو ترجمو
2. نظماڻو ترجمو

**1. نثراڻو ترجمو:** جيڪي به ترجما نثري صنفن ۾ يا نثر جي صورت ۾ ٿين ٿا،انهن کي نثري يا نثراڻو ترجمو سڏيو وڃي ٿو.افسانوي ۽ غير افسانوي ادب جا ترجما،جيڪي نثر جي ڪنهن به صنف ۾ ڪيا وڃن ٿا،اهي نثراڻو ترجمو سڏجن ٿا.توڙي اهو ترجمو شاعريءَ جو ئي ڇو نه هجي. ڇو ته شاعريءَ جا به نثراڻا يا نثري ترجما ڪيا ويا آهن.جنهن جو مقصد اهو هوندو آهي ته ڪنهن نموني شعر جي مفهوم کي ٻي ٻوليءَ ۾ آسانيءَ سان آندو وڃي. هيٺ مثال طور محمد قلي قطب شاهه جو اردو غزل ۽ ان غزل جو نثري ترجمو ڏجي ٿو.ان جو نثري ترجمو شيخ اياز ”ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان“ جي مهاڳ ۾ ڪيو آهي.

پيا باج جيا جائي نا،
پيا جاج يک تل جيا جائي نا.

کهي هين صبوري کرون،
کها جائي اما کيا جائي نا.

قطب شاه نه دي مج دواني کو پند،
دواني کو کچھ پند ديا جائي نا.

نثري ترجمو:

”پرينءَ کان سوا پيالو پيتو نه ٿو ٿئي،
پرين کان سوا تر جيترو وقت به نه ٿو گزري.

چون پرينءَ کان سوا صبر ڪر،
چوڻ تہ سولو آهي،پر ڪرڻ ڏکيو آهي.

قطب شاهہ مون ديواني کي نصيحت نہ ڏي،
ديواني کي نصيحت نہ ڏبي آهي.“ (چانڊيو،2015 : 30)

اهو مٿين اردو غزل جو نثراڻو ترجمو آهي.سنڌيءَ ۾ اهڙي قسم جي نثري ترجمي جا ڪيترائي مثال موجود آهن.

2. **نظماڻو ترجمو:** جيڪي ترجما منظوم يا غير منظوم (نثري نظم جي صورت ۾) ڪيا وڃن ۽ اهي شاعريءَ جي ڪنهن صنف هيئت ڪيا وڃن،انهن ترجمن کي نظماڻو ترجمو سڏجي ٿو. هن قسم جي ترجمي جي لاءِ اهو ضروري ناهي تہ شعر اصل ٻوليءَ ۾ جنهن صنف ۾ آهي،ان ئي صنف هيئت ان جو ترجمو ڪيو وڃي.تنهنڪري هن قسم جي ترجمي ڪرڻ لاءِ ترجمي نگار پنهنجي سهولت خاطر صنف جي چونڊ ڪندو آهي.

نظماڻي ترجمي جا هيٺيان قسم آهن:
1.”صوتي ترجمو
2. لفظ بہ لفظ ترجمو
3.پئمائشي ترجمو
4.نثري ترجمو
5.موزون ردم ۽ رواني وارو ترجمو
6.آزاد بلئنڪ ورس ترجمو“
(https://manuu.edu.in/dde/sites/default/files/DDE/DDE-SelfLearnmaterial)

نظماڻي ترجمي جي مٿين قسمن جي مختصر وصف ترتيبوار هيٺ ڏجي ٿي:

1. **صوتي ترجمو:** هن قسم جي ترجمي ۾ ٻوليءَ جي صوتي تاثر کي پنهنجي ٻوليءَ ۾ نئين سر تخليق ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي.

2. **لفظ بہ لفظ ترجمو:** هن قسم ۾ لفظ بہ لفظ ترجمي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي، پر لفظ بہ لفظ ترجمو ڪرڻ ممڪن ناهي،تنهنڪري هن قسم جي ترجمي سان ترجمي ۾ روح ڦوڪي نٿو سگهجي.

3. **پئمائشي ترجمو:** هن قسم جي ترجمي ڪرڻ وقت وزن مطابق ترجمي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي ته جيئن ترجمي ۾ به اصل ٻوليءَ واري وزن ۽ آهنگ جو خيال رکيو وڃي.

4. **نثري ترجمو:** هن قسم جي ترجمي ۾ شآعريءَ جو نثر ۾ ترجمو ڪيو ويندو آهي، جيڪو گهڻي قدر سولو آهي.

5. **موزون ردم ۽ رواني‌ءَ وارو ترجمو:** هن قسم جي ترجمي ۾ آهنگ ۽ موسيقيت ڏانهن گهڻو ڌيان ڏنو ويندو آهي، جنهن جي ڪري شعر جي اصل معنيٰ ۽ مفهوم نالي ماتر ڏسڻ ۾ ايندو آهي.

6. **آزاد بئلنڪ ورس ۾ ترجمو:** هن قسم جي ترجمي ذريعي جيڪي درستگيون ڪرڻيون هونديون آهن، اهي آسانيءَ سان ڪري سگهجن ٿيون . جنهن جي ڪري اعليٰ ادبي معيار تائين پهچي سگهجي ٿو.

نظماڻي ترجمي جي تاريخ تي نظر وجهڻ سان خبر پئي ٿي ته ٻاراڻي ادب کي هٿي ڏيارڻ خاطر ڪوڙو مل چندن مل ڪلناڻي "ٻاراڻا گيت" جي نالي سان 1891ع ۾ سنڌي ۾ شاعريءَ جو پهريون ترجمو ٿيل ڪتاب ،سنڌي ادب جي جهوليءَ ۾ وڌو.ان ڪتاب ۾ انگريزي ٻوليءَ جي مشهور نظم "Twinkle Twinkle Little Star" جو ترجمو "ننڍڙا تارا" جي نالي سان ڪيل آهي.انگريزي نظم جي هيئت ۽ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيل نظم جي هيئت الڳ الڳ آهي.جو ته ترجمي نگار ترجمي ڪرڻ وقت هميشه اصل ٻوليءَ جي بجاءِ پنهنجي ٻوليءَ کي (جنهن ۾ هو ترجمو ڪري رهيو هوندو آهي) اهميت ڏيندو آهي ۽ اهو ئي ترجمي جو عالمي طور تي هڪ مڃيل اصول آهي. خير ڪوڙيمل جو ترجمو ڪيل منظوم نظم هيٺ ڏجي ٿو:

واهه ڙي تارا،سهڻا تارا،
ٽمڪ ٽمڪ تون ننڍڙا تارا،
ڀلي متي ٿو تون ٽمڪين،
هيري جيان ٿو تون چلڪين.

جڏهن سورج سارو لهيو وڃي،
جڏهن ٽڪر ٽاٽو ٽريو وڃي،
تڏهن تون پنهنجي جوت پسائين،
چمڪين ساري رات ڪُلائين.

نيري ڪُلپ ۾ تو تون ٿهڪين،
دريءَ مان پڻ تو تون ٻهڪين،
جيسين سج ڪُلپ ۾ اچي،
ننڍڙو تارو اتي نچي.

تنهنجو چلڪو واهه جو آهي،
واٽارن کي تو دڳ لائي،
آءٌ نہ ڄاڻان ڪير آهين تارا،
ٽمڪ ٽمڪ تون ننڍڙا تارا.
(ڪلناڻي،1891: 17 ۽ 18)

نظماڻي ترجمي جي لحاظ کان ڏسجي تہ ڪيترن ئي انگريزي نظمن جو ترجمو سنڌي بيت جي هيئت ۾ ڪيو ويو آهي.

نثراڻي توڙي نظماڻي ترجمي ڪرڻ جي لاءِ ترجمي جي جن فني اصولن کي آڏو رکي ترجمو ڪيا ويا آهن،انهن جو ذڪر هيٺ ڪجي ٿو:

1. لفظي ترجمو
2. مفهومي ترجمو.

**1. لفظ بہ لفظ يا لفظي ترجمو:**

ترجمي جو هيءُ هڪ اهم ٽيڪنڪ آهي،جنهن ذريعي ترجمي نگار لفظ بہ لفظ ترجمو ڪندو آهي.هيءُ ترجمي جو هڪ مڪمل اصول آهي.هن ٽيڪنڪ ۾ صرف ان ڳالهہ جو خاص خيال رکڻ گهرجي تہ جيئن لفظ بہ لفظ ترجمي سان معنيٰ نہ تبديل ٿي وڃي يا، ڪٿي معنيٰ ۾ ابهام نہ پيدا ٿئي.

لفظي ترجمو، هيٺين حالتن جي ڪري قابل قبول ناهي رهندو:

1. جڏهن جملو ڪو مفهوم نہ ڏئي.
2. جڏهن جملو اصل مفهوم ڏيڻ بجاءِ ڪو ٻيو مفهوم ڏئي.
3. جڏهن جملي جي ساخت تبديل ڪرڻ ناممڪن هجي.

مٿيان ٽيئي اصول اهي آهن،جن جو استعمال ترجمي نگار،گهڻي قدر غير افسانوي ادب کي ترجمي ڪرڻ وقت ڪندو آهي.ادبي ترجمي ڪرڻ وقت ان کان علاوه ٻيا بہ ڪجهہ اصول لاڳو ٿين ٿا.

فرانسيسي اديبن paulviny ۽ jean darbelnet لفظي ترجمي جا جيڪي ٽي قسم ڄاڻايا آهن، انهن مان هڪ قسم "لفظي ترجمي" جو مٿي ذڪر اچي چڪو آهي،ان جا باقي بہ ٻيا قسم هيٺ بيان ڪجن ٿا:

(الف) ٻين ٻولين کان لفظ وٺڻ

(ب) ٻين ٻولين جون ترڪيبون ڪتب آڻڻ

**(الف) ٻين ٻولين کان لفظ وٺڻ:**

ترجمي جي فن جو هيءُ هڪ اهم عنصر آهي. ڏنو وڃي تہ ٻوليون پنهنجي جيئاپي خاطر هڪٻئي کي لفظ ڏينديون ۽ وٺنديون رهنديون آهن،پر ترجمي جي صورت ۾ اها ضرورت تڏهن محسوس ڪئي وڃي ٿي،جڏهن ان لفظ جو ڪو متبادل لفظ پنهنجي ٻوليءَ ۾ موجود نہ هجي.موجوده سائنسي دور ۾ جيڪي نيون نيون ايجادون ٿين پيون،انهن ايجادن کي انهي نالي سان پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڪتب آندو ويندو آهي.اهڙا ڪيترائي لفظ آهن، پر هتي مثال طور ڪجهہ لفظ ڏجن ٿا،جيڪي جيئن جو تيئن ٻين ٻولين کان ورتا ويا آهن،ڇو تہ انهن جو متبادل اسان وٽ اڳ ۾ موجود نہ هو. گلاس،جگ،ڪمپيوٽر،موبائيل ۽ ليپ ٽاپ وغيره.اهڙا لفظ اڳتي هلي ان ٻوليءَ جو حصو بڻجي ويندا آهن ۽ انهن مان ڌارائپ جي بوءِ ناهي ايندي.بلڪہ انهن مان پنهنجائپ جي خوشبو ايندي آهي.ڪڏهن ڪڏهن ترجمي نگار ترجمي ڪرڻ وقت ڪي ڪي لفظ ،اصل ٻوليءَ وارا (جنهن ٻوليءَ مان ترجمو ڪري رهيو هوندو آهي) جيئن جو تيئن رکندو آهي،جو هُو خوب سمجهندو آهي تہ ان لفظ جو ترجمو منهنجي ٻوليءَ ۾ جيڪو لفظ آ هي،اهو لفظ پرپور معنيٰ نٿو ڏئي،تنهنڪري هُو اصل ٻوليءَ وارو لفظ ساڳيو رکندو. ان جو ٻيو سبب اهو آهي تہ هُو ان ٻوليءَ ۽ ان جي ثقافت سان ان لفظ ذريعي هڪ رشتو ڳنڍڻ چاهيندو آهي.

**(ب) ٻين ٻولين کان لفظي جوڙا يا لفظي ترڪيبون وٺڻ:**

هن قسم جي ٽيڪنڪ کي تڏهن استعمال ڪيو ويندو آهي ،جڏهن ترجمي ڪرڻ وقت،بہ يا ٽن کان وڌيڪ لفظن جي ميڙ يا ڪنهن لفظي ترڪيب

ڪي پنهنجي ٻوليءَ ۾ جيئن جو تيئن ترجمو ڪيو ويندو آهي. مثال طور Government of Sindh جو ترجمو ”سنڌ حڪومت“، Sindhi Language Authority جو ترجمو ”سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو“ ۽ Word War جو ترجمو ”سرد جنگ“. هن قسم جي ٽيڪنڪ ذريعي لفظي ترڪيبن جو ترجمو ڪيو ويندو آهي. هن قسم جي ٽيڪنڪ ڪتب آڻڻ جي لاءِ پنهنجي ٻوليءَ جي مزاج ۽ لسانياتي قاعدن جو خاص ڌيان رکيو ويندو آهي.هن قسم جي ٽيڪنڪ ذريعي اصل ٻوليءَ جون ورجيسون، اصطلاح، پهاڪا ۽ چوڻيون پنهنجي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري آنديون وينديون آهن.مثال One Hand Can Not Clap يعني ”تاڙي هڪ هٿ سان ناهي وڄندي“. اهڙا ڪيترائي مثال موجود آهن.

## 2. مفهومي ترجمو:

هن قسم جي ترجمي ۾ لفظ به لفظ يا لفظ جي بدلي لفظ جو ترجمو ڪرڻ بجاءِ اصل مفهوم جو پنهنجن لفظن ۾ ترجمو ڪيو ويندو آهي.هيءَ ترجمي جي فن جو هڪ اهم قسم آهي.حقيقت ۾ ڏٺو وڃص ته ترجمي جو هيءَ اهو قسم آهي، جنهن سان ترجمو تخليقي روپ ڌاري ٿو ۽ ترجمي نگار،ترجمي ڪرڻ وقت تخيلاتي سگهه جو استعمال ڀرپور نموني ڪري سگهي ٿو. ڇو ته ڪنهن به خيال کي ترجمي ڪرڻ لاءِ هن وٽ ٻوليءَ جو وسيع جهان آڏو هوندو آهي. ترجمي نگار ٻوليءَ جي معنوي وسعت ۽ تخليقي روپ ذريعي ڪنهن به خيال جو اهڙي خوبصورتيءَ سان ترجمو ڪري سگهي ٿو،جنهن کي پڙهندي اهو گمان ٿيڻ لڳي ته اهو ترجمو ناهي، پر اصلوڪو آهي. هن قسم جي ٽيڪنڪ جو اهو فائدو آهي ته ترجمو ڪندي ،ان کي اصلوڪو رس چس ۽ رچاءَ ڏئي سگهجي ٿو.

مفهومي ترجمي جا هيٺيان ٽي قسم آهن:

1. صرفي ۽ نحوي يا لسانياتي تبديلي
2. نقطئہ نظر جي تبديلي
3. متبادل

## 1. صرفي ۽ نحوي يا لسانياتي تبديلي:

ڪنهن جملي جي صرفي ۽ نحوي يا لسانياتي تبديلي-ذريعي پنهنجي ٻوليءَ جي لسانياتي اصولن ۽ قائدن مطابق تبديلي ڪرڻ وقت

ترجمي نگار هن قسم جو ٽيڪنڪ استعمال ڪندو آهي. ترجمي ڪرڻ وقت ترجمي نگار اسم کي فعل سان ۽ فعل کي اسم سان تبديل ڪري،پر انهيءَ جي لاءِ به اها اولين شرط آهي ته ڪنهن به ريت جملي جي معنيٰ ۽ مفهوم تبديل نه ٿيڻ گهرجي.ڇو ته انگريزي ٻوليءَ ۾ جملي جي لسانياتي بيهڪ الڳ آهي ۽ سنڌيءَ ۾ جملي جي لسانياتي جوڙجڪ الڳ آهي. تنهڪري انگريزي ٻوليءَ مان جيڪڏهن سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪنهن به لکڻيءَ کي ترجمو ڪبو ته ٻنهي ٻولين جي جملي جي جوڙجڪ ۽ بيهڪ جي قائدن جو خيال رکبو ۽ جڏهن جملي جي جوڙجڪ جو لسانياتي اصولن مطابق خيال رکبو ته صرفي،۽ نحوي يا لسانياتي تبديلي ڪرڻ لازمي امر پوندو.

**2. نقطئه نظر جي تبديلي:**

ترجمي نگار هن قسم جو استعمال تڏهن ڪندو آهي،جڏهن لفظن جي ڦير گهير سان به جملي جو مفهوم درست نموني ادا نه ٿي سگهي.ڪٿي اهو جملو گرامر جي قائدي مطابق درست هجي،پر درست مفهوم نه ڏئي سگهي. ان حوالي سان پروفيسر عبدالرحمان انصاري جو چوڻ آهي ته:

”ترجمي نگار اصل ٽيڪسٽ جي جملي جي هڪ نقطئه نظر کي پنهنجي ٻوليءَ ۾ ترجمي ڪرڻ وقت ٻي ڪنهن نقطئه نظر ۾ تبديل ڪري ڇڏيندو آهي، ۽ ان جي تبديليءَ سان مفهوم جي ادائيگيءَ ڪا خاص تبديلي نٿي اچي يا ڪو خاص فرق نٿو پئي.ان جو هڪ مثال ڏجي ٿو.”کير جهڙو اڇو“ ان جو انگريزيءَ ۾ لفظي ترجمو As White As Milk ڪيو وڃي ته گرامر جي مطابق ته اهو جملو درست ٿي سگهي ٿو،مگر انگريزي ٻوليءَ جي لسانياتي نظام ۾ اهو قابل قبول نٿو ٿي سگهي.ان جو درست ترجمو ڪرڻ جي لاءِ ترجمي نگار کي نقطئه نظر ۾ تبديلي ڪرڻ جي ضرورت پوندي ۽ As White As Snow وڌيڪ بهتر ٿيندو.سنڌي ڪلچر ۾ اڇاڻ يا سفيدي کي کير سان جوڙي ڏٺو ويندو آهي ته انگريزن وٽ سفيدي جو تصور برف سان متصل آهي“

هر ملڪ وٽ اهڙي قسم جا پنهنجا الڳ الڳ تصور آهن.ترجمي نگار کي ترجمي ڪرڻ وقت انهن کان آشنائي ضرور هئڻ گهرجي،تڏهن ته

هو درست نموني هن ٽيڪنڪ يا قسم جو استعمال ڪري سگهندو ۽ ترجمي کي وڌيڪ بهتر ۽ معياري بڻائي سگهي ٿو.

### 3. متبادل:

هن قسم يا ٽيڪنڪ ذريعي ڪنهن تصور کي يا ڪنهن مخصوص ڪيفيت کي هڪ ٻوليءَ مان ٻي ٻوليءَ ۾ منتقل ڪيو ويندو آهي.اهو تصور ڪهڙو به ٿي سگهي ٿو،يا اها جسماني ڪيفيت ڪهڙي به ٿي سگهي ٿي،جنهن کي پنهنجي ٻوليءَ ۾ منتقل ڪرڻ ايترو آسان ناهي،ان جي لاءِ اهو لازمي آهي تہ ترجمي نگار کي ٻنهي ٻولين جي پلي پت ڄاڻ هجي،نہ صرف ايترو پر ٻنهي ثقافتن ۽ انهن ۾ موجود تصورن ۽ ڪيفيتن کان پڻ آگاهي حاصل هجي.

ترجمي نگار لاءِ هيٺيون ڳالهيون اهميت رکن ٿيون:

1. ترجمي نگار لاءِ ٻنهي ٻولين تي دسترس هئڻ لازمي آهي.
2. ترجمي نگار لاءِ ضروري آهي تہ هو اصل مواد جي خيال ۽ معنيٰ جو جائزو باريڪ بينيءَ سان وٺي.
3. ترجمي نگار کي گهرجي تہ هو عام ڳالهائيندڙ ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري.

### حوالا:


1. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان، 1981: جامع سنڌي لغات، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ.
2. ولپ، ولي رام، 2003: مرزا قليچ بيگ سنڌي ترجمي جي هنر جو محرڪ،ٽماهي مهراڻ،مرزا قليچ بيگ نمبر 4، (53)، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ.
3. Edmond Cary، 1955: Babel ، جلد 1، شمارو 1، فرانس
4. چانديو، مظفر، 2015: ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان، (ڇاپو ٻيو) ڪراچي، سنڌيڪا اڪيڊمي.
5. ڪلناڻي، ڪوڙو مل چندن مل، 1891: ٻاراڻا گيت، حيدرآباد، مرڪز قيصرِ ادب.